رجب المرجب1444ھ/فيبروري2023ء



# ماهوار فيضانِ مدينه

دعوتِ اسلامي

ويب ايڊيشن



# دارالافتا اهلِ سنّت

## (1) ڇا جُنبي(بي غسلو) شخص ميت کي غسل ڏئي سگھي ٿو؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مفتيانِ شرح متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ جُنبي(بي غسلو) شخص جيڪڏهن ميت کي غسل ڏي تہ ڇا ميت جو غسل ادا ٿي ويندو يا نہ؟ رهنمائي فرمايو؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

غسلِ ميت ڏيڻ واري شخص جي لاءِ بهتر آهي تہ اهو پاڪ هجي، جُنبي(بي غسلو) نہ هجي ڇوتہ جنبي جو ميت کي غسل ڏيڻ مڪروه آهي، پر جيڪڏهن جنبي شخص ميت کي غسل ڏنو تہ غسل ادا ٿي ويندو.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

کتبـــــــــه

مفتي فضيل رضا عطاري

## (2): قرض ڏنل رقم تي زڪوٰة ڪير ادا ڪندو؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ تقريباً هڪ سال کان مون پنهنجي پٽ کي ساڍا ٻارهن لک رپيا رقم قرض طور ڏني آهي. ان جي زڪوٰت مون تي لازم آهي يا منهنجي پٽ تي؟ جيڪڏهن مون تي لازم آهي تہ ان جي ادائيگي ڪيئن ٿيندي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

قرض تي ڏنل رقم جي زڪوٰت، مالڪ يعني قرض ڏيڻ واري تي لازم هوندي آهي. ان ڪري پڇيل صورت ۾ ساڍن ٻارهن لکن جي زڪوٰت اوهان جي پُٽ تي نہ بلڪ خود اوهان تي لازم آهي.

باقي ادائيگي فوراً واجب ناهي بلڪ ان وقت واجب ٿيندي جڏهن ڪُل رقم، يا نصاب يعني ساڍا ٻاونجاه تولا

چاندي جي قيمت جي برابر رقم يا نصاب جو گهٽ مان گهٽ پنجون حصو يعني ساڍا ڏهه تولا چاندي جي قيمت جي برابر رقم وصول ٿي وڃي. پوءِ جڏهن به نصاب جي مقدار يا نصاب جو پنجون حصو وصول ٿي وڃي ته جيترو وصول ٿيو آهي صرف اوتري رقم جو چاليهون حصو زڪوٰت ادا ڪرڻ واجب آهي. جيڪڏهن ڪيئي سالن کان بعد قرض جي وصولي ٿي ته حساب لڳائي ڪري گذريل تمام سالن جي زڪوٰت جي ادائيگي واجب ٿيندي. آساني انهيءَ ۾ آهي ته قرض ۾ ڏنل رقم جي زڪوٰت هر سال ادا ڪندا رهو ته جيئن قرض وصول ٿيڻ تي گذريل سالن جي حساب ڪتاب جي الجهن کان ۽ تمام سالن جي گڏ زڪوٰت جي ادائيگي جي مشڪل کان نجات رهي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

کتبـــــــــــه

مفتي فضيل رضا عطاري

### (3) سجدي جي آيت پڙهڻ يا ٻڌڻ تي سجدو فوراً ڪرڻ لازمي آهي يا دير سان به ڪري سگهون ٿا؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مفتيانِ شرح متين هن مسئلي جي باري ۾ ته حافظ جڏهن منزل جو دور ڪندا آهن، ته ان دوران سجدي جي آيت اچڻ تي ڪڏهن ڪڏهن فوراً سجدو ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي مثال طور ڪٽ تي ويهي ڪري يا هلندي، ڦرندي دور ڪرڻ جي صورت ۾، سوال هي آهي ته سجدي واري آيت پڙهي يا ٻڌي ته سجدو ڪرڻ فوراً واجب آهي يا دير سان به ڪري سگهون ٿا؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شريعت جي قانونن جي مطابق سجدي واري آيت پڙهي يا ٻڌي ته فوراً سجدو ڪرڻ واجب نه آهي، البت بنا عُذر، دير ڪرڻ مڪروهِ تنزيهي آهي جو بعد ۾ وسري وڃڻ جو انديشو آهي، تنهنڪري افضل اهو ئي آهي ته جيڪڏهن عذر نه هجي ته سجدهءِ تلاوت فوراً ادا ڪيو وڃي، خيال رهي هي حڪم نماز کان علاوه جو آهي، نماز ۾ سجدهءِ تلاوت جو وجوب فوراً آهي ايستائين جو ٽن آيتن کان گهڻي دير گناهه آهي.

فائدو: حديث شريف جي مطابق جڏهن ابنِ آدم آيتِ سجده پڙهي ڪري سجدو ڪندو آهي ته شيطان هٽي ويندو آهي ۽ روئي ڪري چوندو آهي هاءِ منهنجي بربادي! ابنِ آدم کي سجدي جو حڪم ٿيو، ان سجدو ڪيو، ان جي لاءِ جنّت آهي ۽ مون کي حڪم ٿيو ته مون انڪار ڪيو، منهنجي لاءِ دوزخ آهي.” پڻ پاڪ رسولِ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم جي موجودگي ۾ تلاوت

ڪندا ۽ تلاوت جي دوران آيتِ سجده جي تلاوت ڪرڻ تي سپ ئي سجدو ڪندا هئا حضرت عبدُ الله بن عمر رضی اللہ عنہما جي ارشاد مطابق ڪيفيت هيءَ هوندي هئي جو هجوم جي سبب ڪنهن کي پيشاني رکڻ جي جڳهه نہ ملندي هئي“ سُبۡحٰنَ اللّٰـه ڪهڙو تہ تلاوت ۽ عبادت جو شوق هو.

وڏيڪ ان جي برڪت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڪنهن مقصد جي لاءِ هڪ مجلس ۾ سجدي جون تمام آيتون پڙهي ڪري سجدا ڪري الله پاڪ ان جو مقصد پورو فرمائي ڇڏيندو. چاهي هڪ هڪ آيت پڙهي ڪري ان جو سجدو ڪندو وڃي يا سيني کي پڙهي ڪري آخر ۾ چوڏهن سجدا ڪري.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

**ڪتبـــــــــــه**

**مفتي فضيل رضا عطاري**

## (4) پليدي جي حالت ۾ کائڻ پيئڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مفتيانِ شرح متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ ناپاڪائي جي حالت ۾ کائڻ پيئڻ ڪيئن آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جُنبي (بي غسلي) تي کائڻ پيئڻ کان پهريان افضل هي آهي تہ غسل ڪري وٺي جو حديثِ پاڪ جي مطابق جنهن گهر ۾ جنبي هجي، ان ۾ رحمت جا ملائڪ ناهن ايندا، جيڪڏهن غسل نہ ڪري سگهندو هجي تہ وضو ڪري وٺي جو هي مُستحب آهي، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هٿ ڌوئي ۽ ڪُرڙي ڪري جو ان جي بنا جنبي جي لاءِ کائڻ پيئڻ مڪروهِ تنزيهي آهي يعني گناهہ تہ ناهي پر بُرو عمل آهي ۽ محتاجي جو سبب آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

**مجيب**

**ابو محمد سرفراز اختر عطاري**

**مصدق**

**مفتي فضيل رضا عطاري**



# مدني مذاڪري جاسوال جواب

فيبروري 2023/رجب 1444

### (1) هڪ ٻڪر مان هڪ پُٽَ جو عقيقو

سوال: ڇا هڪ ٻڪر مان هڪ پُٽ جو عقيقو ادا ٿي ويندو؟

جواب: جي ها! هڪ ٻڪر مان هڪ پُٽ جو عقيقو ادا ٿي ويندو باقي ٻہ ٻڪرا هجڻ بهتر آهي. (فتاویٰ رضويه، 586/20 ملخصاً- مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1441ھ)

### (2) مٽي ۾ مينڌي لڳائي ڪري نہ سمهڻ گهرجي

سوال: ٻڌو آهي تہ مٽي ۾ مينڌي لڳائي سمهڻ سان اکين جي روشني هلي وڃڻ جو انديشو آهي، ڇا هيءَ ڳالھ درست آهي؟

جواب: ڪنهن طبيب کان مون ٻڌو هو تہ مٽي ۾ مينڌي لڳائي سمهڻ اکين جي لاءِ نقصان ڪار آهي. هڪ ڀيري مون وٽ هڪ نابين شخص آيو هو ان چيو: ”مان 10 سالن کان نابين (انڌو) آهيان ڇوتہ مان مٽي ۾ مينڌي لڳائي ڪري سُمهي رهيس ۽ جڏهن اٿيس تہ نابين ٿي چڪو هيس.“ تنهنڪري مٽي ۾ مينڌي لڳائي ڪري سمهڻ ۾ خطرو (Risk) آهي. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 4رمضان شريف 1441ھ)

### (3) نماز جي دوران ٻلي پيرن ۾ چنبڙي وڃي تہ ڇا ڪيون؟

سوال: نماز پڙهندي ٻلي پيرن ۾ چنبڙي وڃي تہ ان کي ڪيئن پري ڪيو وڃي؟

جيڪڏهن نماز پڙهندي ڪنهن جي پيرن ۾ ٻلي چنبڙي وڃي تہ آرام آرام سان پير هٽي هٽايو ڇوتہ ٻلي کي هٽائي بغير سجدو ڪنداسين تہ هيءَ چڪُ هٽي سگهي ٿي ۽ هن طرح صحيح طور تي سجدو بہ نہ ٿي سگهندو. ٻليءَ کي هٽائڻ جي لاءِ ”شِش شِش“ نہ ٿا ڪري سگهو باقي عملِ قليل يعني ٿوري عمل جي ذريعي هٿ سان هٽائي سگهو ٿا. نماز ۾ ٻليءَ کي هٽائڻ جو عملِ (قليل) بہ هڪ رڪن ۾ ٻہ ڀيرا ئي ڪري سگهو ٿا. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 5رمضان شريف 1441ھ)

## (4) منرل واٽر جي بوتل مان هٿ ڌوئڻ ڪيئن؟

سوال: دعوتن ۾ پيئڻ جي لاءِ رکي ويندڙ منرل واٽر جي بوتلن مان هٿ ڌوئڻ ڪيئن؟

جواب: منرل واٽر جون بوتلون پيئڻ جي لاءِ رکيون وينديون آهن تنهنڪري انهن مان هٿ نه ڌوئي سگهون. جيڪڏهن دعوت ۾ هي پاڻي پيئڻ جي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ته هاڻي ان مان هٿ ڌوئڻ اصول جي خلاف ٿيندو. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 7رمضان شريف 1441ھ)

## (5) ڇا پگهار مان بچايل رقم تي به زڪوٰة ٿيندي؟

سوال: مون پنهنجي پيٽ جي ٻُڪ ڪاٽي پگهار مان رقم بچائي ڪري سيونگ ڪئي آهي ڇا ان تي به زڪوٰت ڏيڻي پوندي؟

جواب: پگهار مان رقم بچائي ڪري جيڪڏهن ايتري رقم جمع ٿي وئي جنهن تي زڪوٰت جا شرط پاتا ويندا هجن ته ان جمع ڪيل رقم تي زڪوٰت فرض ٿي ويندي، جيتوڻيڪ اُها رقم پيٽ جي ٻُڪ ڪاٽي جمع ڪئي هجي.

”پيٽ جي ٻُڪ ڪاٽڻ“ هڪ چوَڻي آهي يعني بچت جي لاءِ مثلاً سادو کائڻ، گهٽ ڪائڻ ۽ سادگيءَ سان گذارو ڪرڻ وغيره. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 5رمضان شريف 1441ھ)

## (6) جمعي جي ڏينهن باسَ جو روزو رکڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا جمعي جي ڏينهن منّت (باسَ) جو روزو رکي سگهون ٿا؟

جواب: جي ها! رکي سگهو ٿا. (مدنی مذاکره، 11شعبان شريف1441ھ)

## (7) ڪچو بصر وغيره کائڻ سان وضو ناهي ٽُٽندو

سوال: ڇا ڪچو بصر کائڻ سان وضو ٽُٽي پوندو آهي؟

جواب: ڪچو بصر کائڻ کان بچڻ بهتر آهي جو ان کان وات ۾ بدبو ٿي ويندي آهي، باقي کائڻ جائز آهي ۽ ان کان وضو به ناهي ٽُٽندو. پاڄيءَ ۾ پڪل بصر ۽ ٿومَ کائي سگهو ٿا جو پَچڻ کان بعد ان جي بدبو ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان کي کائڻ سان وات ۾ بدبو به پيدا ناهي ٿيندي. (مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 6رمضان شريف 1441ھ)

## (8) شادي جي اجازت نه ملڻ تي گهر وارن کان ناراض ٿيڻ ڪيئن؟

سوال: ڪنهن شخص کي سندس گهر وارا پسند جي شادي نه پيا ڪرڻ ڏين تنهنڪري اهو گهر وارن کان ناراض ٿي ڪري هليو ويو آهي ۽ ان سان ڪنهن قسم جو رابطو به نه ٿي رهيو آهي، هاڻي والدين کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: الله ڪريم آساني فرمائي،

محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اهو چوڪرو واپس پنهنجي گهر اچي وڃي، پنهنجي والدين جي اطاعت ڪري، ان کي خوش ڪري ۽ سيني کي راضي ڪري رضامنديءَ سان نڪاح ڪري. الله پاڪ ڪرم فرمائي ته ان جي دل بدلجي وڃي، چوڪري چوڪريءَ جا والدين انهن جي شاديءَ سان مطمئن ٿي وڃن، انهن جي شاديءَ جي لاءِ ”ها“ ڪري ڇڏين ته جيئن اهي ٻئي رضامنديءَ سان شادي ڪن ۽ ڪهڙيءَ طرح گهر هلي سگهي. سيني کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي ڇوته گهرَ ائين ئي هلندا آهن نه ته ماءُ پيءُ جيڪڏهن طعنا ۽ بد دعائون ڏيندا ته گهر ڪيئن هلندو؟

ياد رهي! شادي جي لفظي معنٰي ”خوشي“ آهي پر هي ڪهڙي شادي آهي جنهن جي سبب گهرَ ۽ خاندان برباد ٿي رهيا آهن، گهر وارا پريشان آهن ۽ انهن جي دل آزاري ٿي رهي آهي؟ نوجوان کي شاديءَ جي اجازت نه ملڻ تي گهران ڀڄڻ جهڙو جذباتي قدم نه کڻڻ گهرجي. سچي دنيا جي نوجوانن کان منهنجي درخواست آهي ته ماءُ پيءُ سان گڏجي رضامنديءَ سان معاملن کي سُلجهائين پڻ ڪڏهن ڪڏهن والدين کي به پنهنجي نوجوان ٻارن جي ڳالهه مڃڻ گهرجي، جيڪڏهن چوڪرو يا چوڪريءَ جي سيرت سُنّي آهي، صورت به مناسب آهي، ڪا شرعي رڪاوٽ به نه آهي جيتوڻيڪ چوڪرو ۽ چوڪري ڌاري قوم سان تعلق رکندا هجن مثال طور چوڪرو ميمڻ آهي چوڪري سنڌي آهي يا چوڪري پنجابي آهي چوڪرو پٺاڻ آهي ته انهن جي شادي ڪرڻ ۾ ڪو مضائقو ناهي، ڇوته اسان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪلمو پڙهيو آهي جيڪي عربي آهن، تنهنڪري دل وڏي ڪري پنهنجي چوڪري يا چوڪريءَ جي شادي ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيو ۽ انهن کي دعائن سان به نوازيو. هي مشورو آهي نه ته ماڻهو پنهنجي مرضي هلائيندا آهن پوءِ نتيجي ۾ گهر تباه ٿي ويندا آهن ۽ گناهن جا دروازا به کُلندا آهن.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 9رمضان شريف 1441ھ)

## (9) اکيون بند ڪري نماز پڙهڻ

سوال: ڇا اکيون بند ڪري نماز پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: مڪروهِ تنزيهي يعني ناپسنديده آهي باقي اکيون بند ڪرڻ سان نماز ۾ دل گهڻي لڳندي آهي، دل جمعي نصيب ٿيندي آهي ۽ خشوع ۽ خضوع حاصل ٿيندو آهي ته پوءِ اکيون بند ڪري نماز پڙهڻ افضل آهي.

(ردالمحتار، 2/499-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 6رمضان شريف 1441ھ)

# بجلي جهڙي رفتار

مولانا حيدرعلي مدني

ڪاڄن بنا ته سرديون به مزو نٿيون ڏين ڏاڏا سائين! خبيب ڪاڄن جو داڻو وات ۾ وجهندي چيو ته صُهيب به هائو ۾ مٿو لوڏيو.

تنهن تي ڏاڏا سائين چوڻ لڳا: ڪاڄو صحت جي لاءِ به نهايت فائدي مند آهي، هي هڏين ۽ ڏندن کي مضبوط ڪرڻ سان گڏوگڏ رت ۾ به واڌارو ڪندو آهي. رات جي ڪاڌي ۽ هوم ورڪ وغيره کان فارغ ٿي ڪري ٻئي ڀائر ڏاڏي سائين جي ڪمري ۾ سَوَڙ ۾ ويهي گرم گرم ڪاڄن ۽ ڏاڏا سائين جي مزيدار ڳالهين سان لطف اندوز ٿي رهيا هئا ته اوچتو صُهيب کي ڪجھ ياد آيو ۽ اهو چوڻ لڳو: ڏاڏا سائين! ڀاءُ کي چئو نه صبح جو جلدي تيار ٿيندو ڪري اڄ به اسان اسڪول جي لاءِ دير ٿيندي ٿيندي بچي وياسين.

دير ٿي وڃي ها ته ڪهڙي قيامت اچي وڃي ها، خبيب منهن سُجائيندي جواب ڏنو.

نه پُٽَ! اهڙي ڳالھ ناهي ڪبي، هونئن به وقت جي پابندي ته ڪامياب ماڻهن جي نشاني هوندي آهي، ڏاڏا سائين خبيب کي سمجهائيندي چيو.

صهيب چوڻ لڳو: ويتر ڏاڏا سائين دير ٿيڻ تي جيڪو سجو پيريڊ اٿي بيهڻو پوندو آهي اهو الڳ. ان تي ڏاڏا سائين ۽ خبيب ٻئي مُسڪرايا.

منهنجي دوست هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته اڳي زماني ۾ هڪ شخص وٽ اڏامڻ وارو گهوڙو هو جنهن تي اهو سفر ڪندي ڪٽي به پهچي ويندو هو.

ڏاڏا سائين ڇا دنيا ۾ اهڙو ڪو گهوڙو هو؟ ڀاءُ جي ڳالھ تي صهيب ڏاڏا سائين کان پڇڻ مناسب سمجهو.

اهڙي گهوڙي جي باري ۾ مان ته نه ٿو ڄاڻان، ايترو چئي ڏاڏا سائين ٿوري دير جي لاءِ چپ ٿي ويا ۽ پوءِ مُسڪرائيندي پنهنجي ڳالھ مڪمل ڪيائون: پر ڪهاڻين



۾ ضرور اهڙيون ڳالهيون لکيل هونديون آهن ۽ کهاڻين جون ڳالهيون ته صرف کهاڻي ئي هونديون آهن پر مان اڄ توهان کي بجلي جي رفتار جهڙي تيز رفتار جانور جو سچو واقعو ٻڌايان ٿو، پهريان مون کي ٻڌايو ته هي هجريءَ جو ڪهڙو مهينو آهي؟

شاباش، ۽ توهان کي خبر آهي رجبُ المُرجب ۾ ڪهڙو اهم اسلامي واقعو پيش آيو هو؟ ڏاڏا سائين وري پڇيو: ته صهيب چوڻ لڳو جي ڏاڏا سائين هن مهيني جي ستاويهين تاريخ تي اسان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي رات جو زمين ۽ آسمان جو سير ڪرايو ويو.

جي جي پر خيال رهي ته زمين ۽ آسمان جو هي سير سڄي رات ۾ نه بلڪ رات جي به ڪجهه حصي ۾ ڪرايو ويو هو. يعني هي به اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو معجزو هو ته رات جي ڪجهه حصي ۾ سندن زمين کان علاوه ستن آسمانن بلڪ ان کان به اڳتي جو سير ڪري واپس به تشريف کڻي آيا.

ڏاڏا سائين مدني چينل تي ٻڌائي رهيا هئا ته ان رات اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جنّت ۽ دوزخ کي به ڏٺو هو. صهيب جي هن ڳالهه تي ڏاڏا سائين چوڻ لڳو: جي پُٽ انڪري ته عالم سڳورا فرمائن ٿا ته هي رات نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معجزن سان ڀري پئي آهي انهن مان هڪ معجزو ”معراج جو سفر“ پڻ آهي. معراج واري رات مسجدُ الحرام کان مسجدِ اقصٰي تائين اسان جي آقا حضرت محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن بُراق تي سواري فرمائي هئي، هي اصل ۾ جانور هو جيڪو خچر (Mule) کان ٿورو ننڍو ۽ گڏهه کان ٿورو وڏو هو. ايترو چئي ڪري ڏاڏا سائين ڪاڇن جا داڻا وات ۾ وڌا ته خبيب چوڻ لڳو: پر ڏاڏا سائين منهنجو هڪ سوال آهي جانور ته ايڏا تيز رفتار ناهن هوندا.

پر توهان کي شايد خبر ناهي ته اهو بُراق جنّت مان آيو هو، ان جي رفتار هتان جي جانورن جهڙي ڪيئن ٿي ٿئي سگهي، بُراق جي رفتار (Speed) ته ايڏي تيز هئي جو حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ”جيستائين نظر پهچندي هئي ايستائين بُراق پنهنجو قدم رکندو هو“ پُٽ توهان هن کي هيئن سمجهو ته بُراق جي رفتار بجلي وانگر تيز هئي تڏهن ته ان کي بُراق چيو وڃي ٿو چوته عربي زبان ۾ بُراق ٺهيو ئي برق مان آهي جنهن جي معنٰي آهي بجلي. ڏاڏا سائين ايستائين پهتا هئا ته ڪمري ۾ اوچتو اونداهي ڇانئجي وئي، لڳي ٿو بجلي هلي وئي آهي يارو! هاڻي توهان آرام ڪيو، صبح ملنداسين، **خدا حافظ**.

# حضرت سيّدنا اميرِ معاويہ جو حلم

مولانا حفيظُ الرحمٰن عطاري مدني



صحابي ابنِ صحابي حضرت سيّدنا اميرِ معاويہ بن ابو سفيان رضی اللہ عنہما جو سلسلهٔ نسب پنجين پيڙهي ۾ حضورِ اکرم صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم سان وڃي ملي ٿو. صلحِ حديبيہ کان بعد ايمان آڻڻ وارين شخصيتن مان صحابيءِ رسول اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ بہ آهن. پاڻ رضی اللہ عنہ 6 هجري ۾ صلحِ حديبہ کان بعد ايمان سان مُشرف ٿي ويا هئا پر پنهنجو اسلام فتح مڪہ جي ڏينهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري ظاهر ڪيائون. ان موقعي تي آقا ڪريم صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم کيس ”يلي ڪار“ چئي ڪري عزت ۽ تڪريم سان نوازيو.[1] ڪين ٻين بيشمار وصفن ۽ ڪارنامن ۽ فضيلتن سان گڏوگڏ وحي جي لکڻ ۽ حُضورِ اکرم صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم جي خُطوط لکڻ جو بہ اعزاز حاصل آهي.[2]

## وصف مبارڪ

حضرت سيّدنا اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ اخلاص، واعدو پورو ڪرڻ، علم ۽ فضل، فقہ ۽ اجتهاد، حسنِ سلوڪ، سخاوت، تقرير ۽ خطابت، مهمان نوازي، غريبن تي مهربان، خدمتِ خلق، اطاعت الٰهي، اتباعِ سنّت ۽ تقوٰي ۽ پرهيزگاري جهڙن اعلٰي وصفن سان گڏوگڏ هڪ تمام اعلٰي وصف ”حلم يعني تحمل ۽ بردباري“ سان بہ متصف هئاءِ ڇو نہ هجن جو الله جي پياري نبي محمدِ عربي صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم جن پنهنجي عظيم صحابيءَ کي حلم جي دعا سان نوازيو هو، جيئن تہ الله جي آخري نبي صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي: اي الله! معاويہ کي علم ۽ حلم (يعني بردباري) سان پري ڇڏ.[3]

## حلم ۽ بردباري ڇا آهي؟

ڪاوڙ کي برداشت ڪرڻ ۽ ڪاوڙ ڏيارڻ وارين ڳالهين تي ڪاوڙ نہ ڪرڻ ”حلم ۽ بردباري“ چورائيندو آهي.[4]

حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ جي لاءِ سرڪار صلَّی اللہ علَیہِ واٰلہٖ وسلَّم جي طرفان ڪئي ويندڙ حلم ۽ بردباري جي دعا جو اهڙو اثر ٿيو جو پاڻ رضی اللہ عنہ جي زندگي جي هر

پهلو ۾ حلم ۽ بردباري واري صفت واضح طور تي نظر ايندي هئي. اچو ان حوالي سان 3 روايتون پڙهو:

(1) نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: منهنجي اُمّت ۾ معاويه وڏو حليم (بردبار) آهي.[5]

(2) حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: منهنجي سامهون حضرت اميرِ معاويه جي بُرائي نه ڪندا ڪيو، هو اهڙو ته بردبار آهي جو ڪاوڙ جي حالت ۾ به مسڪرائيندو آهي.[6]

(3) هڪ ڀيري حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُما فرمايو: حضرت سيّدنا معاويه بن ابو سفيان رَضِیَ اللہُ عَنْہُما ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ حوصلي مند ۽ سڀ کان وڌيڪ بردبار آهن.[7]

حلم ۽ بردباري حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مشهور وصفن مان آهي ان وصف جو اظهار خاص طور ان وقت ٿيندو هو جڏهن ڪو شخص سندن بدڪلامي يا بدسلوڪي ڪندو هو. اهڙي موقعي تي بدلو وٺڻ جي طاقت جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ بردباري جو مظاهرو فرمائيندا هئا. اچو! ان حوالي سان 2 واقعا پڙهو:

## (1) ڪٿي بردباري گهٽ نه ٿي وڃي

هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان سخت ڪلامي ڪئي ته کنهن چيو: جيڪڏهن اوهان چاهيو ته ان کي عبرتناڪ سزا ڏئي سگهو ٿا. ان تي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن فرمايو: مون کي ان ڳالهه کان حياء ٿو اچي جو منهنجي رعايا جي کنهن غلطي جي ڪري منهنجو حلم ۽ بردباري گهٽ ٿي وڃي.[8]

## (2) کُجور(کَتل) جون ٽوڪريون

حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ وٽ کُجور جون ٽوڪريون آنديون ويون، سندن اهلِ شام جي درميان انهن کي ورهائي ڇڏيو، هڪ پوڙهي شخص کي هڪ ٽوڪري ڏني ته اهو ناراض ٿي ويو ۽ ڪاوڙجي قسم کنيائين ته اهو هن ٽوڪريءَ کي حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مٿي تي هڻندو. حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ان ڳالهه جي خبر پئجي وئي ته پاڻ ان پوڙهي شخص کي چيائين: پنهنجو قسم پورو ڪر، هڪڙي کي ٻئي سان نرمي سان پيش اچڻ گهرجي.[9]

حلم حضرت سيّدنا اميرِ معاويه رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو پسنديده وصف هو اهو ئي سبب آهي جو سندن مبارڪ زندگيءَ ۾ ان وصف جو نه صرف ڪيئي ڀيرا ظهور ٿيو بلڪ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪيئي موقعن تي ان وصف کي اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي ۽ ان حوالي سان پنهنجي جذبات جو اظهار به فرمايو آهي، جيئن ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائيندا هئا ته منهنجي ويجهو ڪاوڙ پي وڃڻ کان وڌيڪ مزيدار ڪا شيءِ ناهي.[10]

## سيني کان وڏو سردار ڪير؟

حضرت سيّدنا اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ جي بارگاھ ۾ سوال ٿيو: سيني کان وڏو سردار ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: جڏهن ڪجھ گهريو وڃي تہ سيني کان وڌيڪ سخي هجي، محفلن ۾ حُسنِ اخلاق جي اعتبار سان سُٺو هجي ۽ ان کي جيترو حقير سمجهو وڃي اهو اوترو ئي حلم ۽ بردباري جو مظاهرو ڪري.[11]

## بردباري اختيار ڪرڻ جي نصيحت:

حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ بنو اُميہ کي مخاطب ٿي ڪري ارشاد فرمايو: اي بنو اُمّيہ! حلم جي ذريعي قريش سان سنو ورتاءُ ڪيو! خدا جو قسم! جاهليت واري زماني ۾ مون کي ڪير بُرو ڀلو چوندو هو تہ مان ان سان حلم ۽ بردباري سان پيش ايندو هيس ائين اهو شخص منهنجو دوست بڻجي ويندو هو جو جيڪڏهن مون کي ان جي مدد جي ضرورت پوندي هئي تہ اهو مدد ڪندو هو. حلم ڪنهن شريف انسان کان ان جي شرافت ناهي کسيندو، بلڪ ان جي عزت ۾ اضافو ئي ڪندو آهي.[12]

## تبرڪاتِ نبوي سان محبت

ڪاتبِ وحي حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ وصال جي وقت وصيت ڪئي تہ مون کي حُضورِ انور صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي اِزار شريف ۽ مقدس چادر ۽ پاڪ قميص ۾ ڪفن ڏنو وڃي، نڪ ۽ منهن تي وار مبارڪ ۽ ننهن جا ذرا رکيا وڃن، ممڪن آهي الله ڪريم انهن تبرڪات جي سبب مون تي رحم فرمائي.[13]

## وصال

پاڻ رضی اللہ عنہ رجبُ المُرجب جي مهيني 60ھ ۾ 78 سال جي عُمر ۾ وصال فرمايو.[14]

صحابيءِ رسول حضرت ضحّاڪ بن قيس رضی اللہ عنہ نمازِ جنازه پڙهائي جڏهن تہ دِمشق جي بابُ الصغير ۾ سندن مزار ناهي وئي.[15]

(1) طبقاتِ ابن سعد، 7/285ماخوذاً

(2) معجم کبیر، 5/108، حدیث: 4748

(3) تاریخ کبیر، 8/68، حدیث:2624

(4) جنتی زیور، ص132

(5) السنۃ للخلال، 1/452، رقم:701، المطالب العالیہ، 7/166، حدیث:8847

(6) الاستیعاب، 3/472

(7) کتاب السنۃ للخلال، 2/443، رقم:681

(8) حلم معاویۃ، ص22، رقم:14

(9) حلم معاویۃ، ص27، رقم:25

(10) تاریخ ابن عساکر، 59/179

(11) تاریخ ابن عساکر، 59 / 186

(12) البدایۃ والنہایۃ، 5/ 639ملتقطاً

(13) تاریخ ابن عساکر، 59 / 227

(14) تاریخ الخلفاء، ص158

(15) الثقات لابن حبان، 1/436

# ابدالن جي سرزمين

مولانا محمد آصف اقبال عطاري مدني

الله پاڪ جي ولين جي ڪوڙ قِسمن مان هڪ قِسم ڪي ابدال چوندا آهن ۽ انهن ڪي ابدال ان ڪري چوندا آهن چوته انهن جا مقامات، انهن جي جڳهه بدلجندي رهندي آهي ڪڏهن اوڀر (East) ۾ ڪڏهن اولهه (West) ۾ ڪڏهن ڏکڻ (West) ۾ ڪڏهن اُتر (North) ۾ پر انهن جو هيڊ ڪوارٽر مُلڪِ شام آهي. گهڻو ڪري مُلڪِ شام ۾ رهندا آهن، مَعرفت ۽ بصيرت رکڻ وارا انهن کي سڃاڻيندا آهن.[1] هيٺ ڏنل حديثون ابدالن جي ذڪرِ خير تي مُشتمل آهن:

(1) مولاءِ ڪائنات حضرت سيّدنا عليُ المُرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْه ارشاد فرمايو: مون رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو آهي ته ابدال شام ۾ آهن، اهي حضرات چاليهه مَرد آهن، جڏهن انهن مان هڪ فوت ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ ان جي جڳهه تي ٻي کي بدلائي ڇڏيندو آهي، سندن برڪت سان مينهن وسندا آهن، انهن جي ذريعي دشمنن تي فتح حاصل ٿيندي آهي ۽ انهن جي ڪري شام وارن تان عذاب پري ٿيندو آهي.[2]

حڪيمُ الاُمّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن جي شرح ۾ لکن ٿا: هن فرمانِ عالي مان معلوم ٿيو ته اولياء الله جو وسيلو برحق آهي، الله پاڪ چڱن جي صدقي بُرن جون مُشڪلون حل ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن تان مصيبتون ٽاري ڇڏيندو آهي.[3]

(2) معجمِ ڪبير جي روايت هيئن آهي: ابدال شام ۾ آهن، شام وارا انهن جي برڪت سان مدد حاصل ڪندا آهن ۽ انهن جي وسيلي سان رزق حاصل ڪندا آهن.[4]

(3) حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابدالن جي باري ۾ ارشاد فرمايو: اهي منهنجي اُمّت ۾

ڪِبريتِ اَحمر[1] (5) ڪان بہ وڌيڪ حيرت انگيز آهن. (6)

## ابدالن جون خصوصيتون

حُجۃُ الاسلام امام محمد غزالي شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ابدالن جي لاءِ زمين سوڙهي ٿي ويندي آهي، انهن کي سلام سان نِدا ڪئي ويندي آهي ۽ ڪين ڪيئي قِسمن جي پلائين ۽ ڪرامتن جا تحفا ڏنا ويندا آهن. (7)

## ڪجھ ابدالن جو ذڪرِ خير

حضرت وهب بن مُنبہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو هڪ دوست بيان ڪري ٿو: مان خواب ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت سان مُشرف ٿيس تہ عرض ڪيُم: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جي امّت جا ابدال ڪٿي آهن؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي هٿ مبارڪ سان شام ڏانهن اشارو فرمايو، مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله! ڇا انهن مان ڪو عِراق ۾ بہ آهي؟ ارشاد فرمايائون: ها! (1) محمد بن واسع (2) حسان بن اَبي سِنان ۽ (3) مالِڪ بن دينار. (8) ۽ (4) سُلطان نورُ الدين زَنگي (5) حضرت حماد بن سَلمہ ۽ (6) حضرت وڪيع رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم کي بہ ابدالن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. (9)

## قيامت جون علامتون ۽ ميدانِ محشر

ڪوڙ حديثون هي ٻڌائن ٿيون تہ قيامت جي ڪجھ علامتن جو تعلق مُلڪِ شام سان آهي ۽ ميدانِ محشر بہ شام جي سر زمين تي قائم ٿيندو. ڪجھ حديثون ۽ روايتون ۽ نشانيون هتي ذڪر ڪجن ٿيون:

(1) حضرت معاويہ بن قره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن اهلِ شام ۾ فساد اچي وڃي تہ توهان ۾ ڪا ڀلائي نہ رهندي، منهنجي امّت مان هڪ جماعت هميشہ فتحياب رهندي، انهن جي مدد ڪان هٿ ڇڪڻ وارو انهن کي نقصان نہ پهچائي سگهندو ايستائين جو قيامت قائم ٿي وڃي (10)

هي واقعو قيامت جي ويجهو ٿيندو. شام ابدالن جو مرڪز آهي اتي آخر تائين ايمان رهندو، جڏهن اتي ڪفر ڇائنجي وڃي ۽ ڪو مومن نہ رهي تہ سمجهو تہ شام جا ابدال ختم ٿي ويا ۽ دنيا ولين کان خالي ٿي وئي، دنيا جو ولين کان خالي ٿيڻ قيامت جو اچڻ آهي. جيئن تہ جڏهن قيامت ايندي تہ سڄي زمين تي ڪو بہ الله ڪرڻ وارو نہ هوندو. (11)

---

[1] ڪبريت احمر مان مراد اها ڪيمياء آهي جنهن مان خالص سون تيار ٿيندو آهي

(2) حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہما کان روايت آهي تہ رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: قيامت کان پهريان حَضَرَ موت جي درياء مان هڪ باھ نڪرندي جيڪا ماڻهن کي هڪليندي. صحابہءِ ڪرام عرض ڪيو: اوهان اسان کي ان وقت جي لاءِ ڪهڙو حڪم ڏيو ٿا؟ فرمايائون: توهان تي مُلڪِ شام ۾ رهڻ لازم هوندو.(12)

(3) حُضورِ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن شام ڏانهن پنهنجي مبارڪ هٿ سان اشارو ڪري فرمايو: توهان جو حشر ان زمين تي ٿيندو، پيادل، سوار ۽ منهن ڀَر گهلجندي.(13)

(4) قيامت جي نشانين مان هڪ حضرت امام مهدي رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ جو تشريف وٺي اچڻ بہ آهي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ ماڻهن کي مُلڪِ شام وٺي ويندا. واقعو ڪجھ هيئن آهي تہ رمضان جي مهيني ۾ ابدال ڪعبي شريف جي طواف ۾ مشغول هوندا، اتي اولياءِ ڪرام حضرت امام مهدي رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ کي سڃاڻي ڪري انهن کي بيعت جي درخواست ڪندا. پاڻ انڪار فرمائيندا، غيب مان نِدا ايندي:

هٰذَا خَلِيْفَةُ اللهِ الْمَهْدِيُّ فَاسْمَعُوْا لَهٗ وَاَطِيْعُوْهُ

يعني هي الله پاڪ جا خليفا مهدي آهن انهن جو حڪم ٻڌو ۽ اطاعت ڪيو. ماڻهو سندن مبارڪ هٿ تي بيعت ڪندا پوءِ پاڻ اتان کان مسلمانن کي گڏ وٺي شام ڏانهن روانا ٿيندا. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ جو زمانو وڏي خير ۽ برڪت وارو زمانو هوندو، زمين عدل ۽ انصاف سان ڀرجي ويندي.(14)

(5) قيامت جي ڏينهن مڪي ۽ مديني جي قبرستانن ۾ دفن مسلمانن کان بعد اهلِ شام ۽ باقي ماڻهو پنهنجي پنهنجي قبرن مان اٿندا.(15)

الله ڪريم قيامت جي ڏينهن پنهنجي پسنديده ٻانهن سان گڏ اسان جو حشر فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) مراٰۃ المناجیح،8/584 ماخوذاً،روض الفائق،ص189
(2) مسند احمد،1/238،حدیث:896
(3) مراٰۃ المناجیح،8/583،584 ملخصاً
(4) معجم کبیر،8/65،حدیث:120
(5) کِبریتِ احمر سے مراد وہ کیمیا ہے جس سے خالص سونا تیار کیا جاتا ہے۔
(6) موسوعۃ لابن ابی الدنیا،2/388،حدیث:8
(7) منہاج العابدین،ص41
(8) حلیۃ الاولیاء،3/136
(9) مراٰۃ الجنان،3/292-میزان الاعتدال،1/577-تاریخ ابن عساکر،63/104
(10) ترمذی،4/82،حدیث:2199-مسند احمد،5/305،حدیث:1597
(11) مراٰۃ المناجیح،8/595 ملخصاً
(12) مصنف ابن ابی شیبہ،21/125،حدیث:38475-مسند ابی یعلیٰ،5/80،حدیث:5526
(13) مسند احمد،7/235،237،حدیث:20042،20051
(14) ماخوذ از بنیادی عقائد و معمولات اہلسنت،ص37
(15) شرح الصاوی علی جوھرۃ التوحید،ص373



# بخشش جا اسباب

مولانا محمد نواز عطاري مدني

نيڪي بظاهر ننڍي هجي يا وڏي، الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مغفرت جي اميد ڪندي ان کي ڪري وٺڻ ئي گهرجي.

## 5 فرامينِ مصطفيٰ ﷺ

### (1) دعاءِ دِرهَمُ الْكِيس:

جيڪو شخص رات جو (ننڊ مان) جاڳي ته چئي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَعَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سُبْحَانَ اللهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ،

پوءِ عرض ڪري: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ اي الله! مون کي بخشي ڇڏ، يا ڪا بي دعا ڪري ته اها دعا قبول ڪئي ويندي، پوءِ وضو ڪري (۽ نماز پڙهي) ته ان جي نماز قبول ڪئي ويندي.[1] يعني خاص طور تي بخشش جي دعا ڪري يا ڪنهن بي معاملي جي باري ۾، يقيني طور تي دعا قبول ٿيندي.[2] هن دعا جو نالو دعاءِ "دِرهمُ الْكِيس" آهي يعني نقد ٿيلهي، هيءَ دعا تهجد جي لاءِ اٿندي ئي پڙهڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪو رات جي آخري پهر ۾ جاڳي ڪري تهجد نه به پڙهي پر هيءَ دعا گهري وٺي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فائدي ۾ رهندو.[3]

### (2) سورة يٰس جي تلاوت:

جنهن رضاءِ الٰهي جي لاءِ رات جي وقت يٰسٓ شريف جي تلاوت ڪئي ان جي مغفرت ڪئي ويندي.[4] بخشش جي خوشخبري کان علاوه هن سورتِ مبارڪ کي ته قرآنِ ڪريم جي دل به چيو ويو آهي ۽ هن کي پڙهڻ سان ڏھ ڀيرا قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو ثواب به ملندو آهي.[5] تنهنڪري هن کي ته هر رات ۾ پڙهڻ ئي گهرجي.

### (3) سورة الدُّخان جي تلاوت

جيڪو شخص جمعي جي رات "حٰمٓ الدُّخان" پڙهي، ان جي بخشش ڪئي ويندي.[6] جڏهن ته هڪ روايت ۾ آهي ته

جنهن رات جي وقت حٰمٓ الدُّخان جي تلاوت ڪئي ته اهو ان حال ۾ صبح ڪندو جو ان جي لاءِ ستر هزار ملائڪ استغفار ڪري رهيا هوندا.[7] هي سورتِ مبارڪ قرآنِ ڪريم جي پنجويهين سيپاري ۾ آهي، روزانو نه ته گهٽ ۾ گهٽ هر جمعرات جو ته هن ڪي پڙهڻ جي نيّت فرمائي ونو.

### (4) سورةُ الْمُلک جي تلاوت:

قرآنِ پاڪ ۾ 30 آيتن جي هڪ سورت آهي، اها پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري جي شفاعت ڪندي ايستائين جو ان کي بخشيو ويندو. (اها سورت

تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ

(يعني "سورةُ الْمُلک" آهي).[8] ڪوشش ڪري روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ته ان سورتِ مبارڪ کي پڙهندا ئي ڪيو.

### (5) ڪلمهءِ طيبہ جوورد:

الله پاڪ جي عرش جي سامهون نورَ جو هڪ ٿنڀ آهي، جڏهن ڪو ٻانهو "لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" چوندو آهي ته اهو ٿنڀ لڏڻ لڳندو آهي. الله پاڪ (ان کي) فرمائيندو آهي: بيهي رهه! اهو عرض ڪندو آهي: مان ڪيئن بيهي رهان حالانڪ تو هي ڪلمو پڙهڻ واري جي بخشش ناهي فرمائي. ته الله پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: مون ان کي بخشي ڇڏيو. ته ان وقت اهو ٿنڀ بيهي رهندو آهي.[9] وقفي وقفي سان ڪلمهءِ طيبہ کي پنهنجي زبان تي لازم رکو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حديثِ مبارڪ ۾ بيان ڪيل برڪت سان گڏوگڏ دنيا ۽ آخرت جون وڏيڪ بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون.

(1) بخاری،1/391،حدیث:1154

(2) مرقاۃ المفاتیح،3/289،تحت الحدیث:1213

(3) مراٰۃ المناجیح،2/ 250بتغیر

(4) مسند ابی داود للطیالسی، ص323،حدیث:2427

(5) ترمذی،4/406،حدیث:2896

(6) ترمذی،4/407،حدیث:2898

(7) ترمذی،4/406،حدیث:2897

(8) ابوداود،2/81، حدیث:1400

(9) مسند بزار، 14/361،حدیث:8065




# مفتي عبدالرحيم سڪندري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

قمرالدين عطاري

سلطانُ الواعظين، عمدةُ المناظرين، رئيس العلماء، شير مصطفي. مناظر اسلام حضرت علامہ مفتي عبدالرحيم سڪندري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيدائش 27 رَمَضان المبارڪ 1363ھ مطابق 14 سيپٽمبر 1944ع بروز جمعة المبارڪ صبح صادق جي وقت ڳوٺ سيباٽو خان شر ديھ گاهي چاڪراٽي لڳ ڪرڙي تعلقه نري ميرواھ ضلع خيرپور ميرس ۾ ٿي، سندن تعلق ”شر بلوچ“ قوم سان آهي. (1)

## ابتدائي تعليم

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 1954 ۾ پرائمري تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي جنهن ڪي سندن پڙڏاڏي فقير مولا بخش شر پنهنجي ڳوٺ ۾ منظور ڪرايو هو. گڏوگڏ حافظ قادر بخش صاحب کان قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي جنهن ڪي سندن والد ڳوٺ جي ٻارن ڪي قرآن جي تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. (2)

## جامعه راشديه ۾ داخلا

پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه برصغير جي عظيم اسلامي درسگاھ ”جامعه راشديه درگاھ شريف پير جو ڳوٺ“ ۾ سن 1957ع ۾ داخلا ورتي ۽ پنهنجي بي پناھ شوق، ذهانت، محنت ۽ استادن سڳورن جي خدمت، ادب ۽ درگاھ مبارڪ جي فيوض و برڪات سان درسِ نظامي جي ڪورس ۾ مشغول ٿيا. پاڻ فارسي ۽ عربيءَ جي ابتدائي ڪورس کان وٺي”دوره حديث“ تائين جي تعليم ۽ ٻيا علوم و فنون جامعه راشديه جي جيد رباني عالمن ۽ عظيم مرتبي واري استادن سڳورن جي شفقت هيٺ پورا ڪيائون.(3)

## اساتذه ڪرام

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جامعه راشديه ۾ جن قابلِ فخر اساتذه ڪرام کان ديني فيض پرايو انهن مان استاذُ العُلماء مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد جمالي، صُوفي باصفا استاذُ العُلماء حضرت مولانا

محمد صالح مهر، شيخ الحديث علامه مفتي تقدس علي خان، جامعُ المعقول و المنقول علامه سيد حسين اختر، علامه عبدالصمد ميتلو ۽ علامه ڪريم بخش دايو رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم شامل آهن. (4)

## سندِ فراغت ۽ دستاربندي

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حصولِ علم کان فارغ ٿيڻ بعد 27 رجب المرجب 1386ھ بمطابق 11 نومبر 1966ع بروز جمعة المبارڪ تي سندن دستار بندي ٿي، دستاربندي واري تقريب ۾ نامور علماءِ ڪرام مثلاً حضرت علامہ پير محمد قاسم مشوري، حضرت پير غلام مجدد سرهندي، حضرت علامہ سيد احمد سعيد ڪاظمي، مناظراسلام حضرت علامہ محمد عمر اڇروي، حافظ امام بخش سومرو صاحب، بلبل سنڌ حضرت علامہ قاضي دوست محمد، مفتي اعظم سکر مفتي محمد حسين قادري، حضرت مخدوم امير احمد کهڙائي صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم شريڪ ٿيا.(5)

## شاهپورچاڪر ۾ مدرسه صبغةُ الهُديٰ جو قيام

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه دستار فضيلت واري سال ئي پنهنجي استاد حضرت مولانا محمد صالح مهر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جي حڪم تي شاهپور چاڪر ضلع سانگهڙ سنڌ جي غوثيه مسجد ۾ امامت ۽ خطابت شروع ڪئي ۽ 1967ع ۾ مدرسه صبغةُ الهُديٰ جو آغاز فرمايو جتي ابتدائي ناظره قرآن ڪريم ۽ فارسي ۽ عربي جا ڪلاس پڙهائڻ جو آغاز فرمايائون، پوءِ نون استادن جي تقرري کان بعد طلبہ ڪرام جي لاءِ درسِ نظامي جون تمام سهولتون پيدا ڪيون ويون البت دوره حديث خود پاڻ پڙهائيندا هئا. (6)

## تصانيف و تاليف

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه درس و تدريس ۽ ديني تبليغي سرگرمين سان گڏ تصنيف و تاليف جو سلسلو پڻ برقرار رکيو ۽ سندن لکيل ڪتاب هي آهن:

ڇپيل ڪتاب: ذڪر عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم، اهلسنت جا عقيدا، سيفِ سڪندري ( سنڌي ۽ اردو ) سيفِ يزداني، تحفة المؤمنين، صحبت سپيرين جي. سَدِ سڪندري، فضائل و مسائل قرباني. اڻ ڇپيل ڪتاب: التحقيق المختار في افضلية صاحب المصطفيٰ بالغار، مٿيءَ لڏو مان، عورت جي سربراهي جو شرعي حڪم، قرة العينين في اثبات ايمان ابوين ڪريمين، سيف السنة عليٰ عنق صاحب البدعة، توضيح الافڪ عن مسئلة الفدڪ، مجموعه فتاويٰ سڪندريه وغيره. (7)

## عظيم الشان لائبريري جو قيام:

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 1967ع ۾ لائبريري جو بنياد رکيو، جنهن جو شمار ملڪ جي چند

اهم لائبريرين ۾ ٿيڻ لڳو، هن ۾ قرآن ڪريم جي 100 کان وڌيڪ تفاسير، احاديث مبارڪ جا پراڻا ۽ مستند نسخا، سيرت طيبہ جا تمام مشهور ڪتاب، 150 قلمي نسخا موجود آهن، ڪتابن جي ترتيب هن ريت آهي، تفسير، حديث، رجال، تاريخ، فقه، فتاويٰ، تصوف، تذڪره، وعظ ۽ مناظره وغيره. خاص ڳالهه تہ هن ڪتب خاني ۾ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ قرآن پاڪ جا تفسير موجود آهن، ذاتي لائبريري جي حوالي سان هي تفسيرن جو وڏو ذخيرو آهي. لائبريري ۾ سڀ ڪتاب شيشي جي الماڙين ۾ سبجيڪٽ وائيز سهڻي ترتيب سان سينگاريل آهن. هن لائبريري ۾ موجود 300 ناياب مخطوطات بہ هن لائبريري جي زينت آهن. (8)

## فن خطابت

پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ هڪ مؤثر خطيب، مبلغ ۽ عاشقِ رسول صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ۽ مسلڪ اهل سنت و جماعت جي ترجمان طور بہ سڃاتا ويندا هئا پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ پاڪستان جي ڪيئي علائقن ۾ دين اسلام، عشق رسول، عظمتِ صحابہ واهلبيت ۽ عقائد اهل سنت کي عام ڪيو، خطابت ۾ زبردست مهارت جي ڪري پير آغا محمد ابراهيم جان سرهندي فاروقي رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ سندن کي سلطان الواعظين جو لقب عطا ڪيو. (9)

## مناظرا

پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ سند فراغت جي پنجن سالن بعد هڪ مشهور مدرّس سان علمِ غيب جي موضوع تي تاريخي مناظرو ڪيو ۽ ڪيس عبرتناڪ شڪست ڏنائون جنهن جا چرچا عوام ۽ عالمن ۾ اڄ تائين مشهور آهن.


## مناظرا

پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ سند فراغت جي پنجن سالن بعد هڪ مشهور مدرّس سان علمِ غيب جي موضوع تي تاريخي مناظرو ڪيو ۽ ڪيس عبرتناڪ شڪست ڏنائون جنهن جا چرچا عوام ۽ عالمن ۾ اڄ تائين مشهور آهن.


ٻيو مناظرو ان شخص سان ٿيو جنهن جو اصل ۾ علامه مفتي فيض احمد اويسي رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جن سان مناظرو رکيل هو پر اُن اردو ٻولي نہ اچڻ جو بهانو ناهي ڪري آخري وقت سنڌي ۾ مناظرو ڪرڻ جو شرط رکيو تہ مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جن کي ئي ان جي سامهون آندو ويو، مناظري جي شروع ۾ ئي اهو مناظر مفتي صاحب رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جي علم ۽ حاضر جوابي آڏو ٻيوس ٿي پاڻ سان گڏ آندل ڪتاب مناظري واري جڳهه تي ڇڏي ڀڄي ويو. (10)

## سندن اولاد

الله پاڪ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ٽن نياڻين ۽ چئن پٽن جي اولاد سان نوازيو هو، پهريون پٽ عبدالنبي ۽ ٻيون پٽ مفتي نور نبي نعيمي سڪندري صاحب جيڪي دارالعلوم نعيميه ڪراچي مان فارغ التحصيل آهن، هن وقت مدرسه صبغة الهُديٰ شاهپور چاڪر ۾ تدريس ۽ افتاء ۾ مصروف عمل آهن. ٽيون پٽ ڊاڪٽر مفتي حق النبي الازهري سڪندري آهن جن درس نظامي جامعه نظاميه رضويه لاهور مان ڪئي، دوره حديث شريف پنهنجي والد گرامي وٽ ڪيائون ۽ 2008 ۾ جامعه ازهر قاهره مصر وڃي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي تڪميل ڪئي، هن وقت پاڻ درس ۽ تدريس، تصنيف و تاليف ۽ وعظ و تقرير جي ذريعي دين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهن ۽ چوٿون پٽ پروفيسر ڊاڪٽر فضل نبي سڪندري آهن جن چائنا جي شهر وُوهان جي ايگريڪلچرل يونيورسٽي مان ”وٽرنري ميڊيسن “۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. هن وقت اوٿل يونيورسٽي بلوچستان ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهن. (11)

## وصال

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 11 رجب المرجب 1439ھ مطابق 29 مارچ 2018ع بروز خميس صبح تي لياقت نيشنل اسپتال ۾ 74 سال جي عمر ۾ پنهنجي خالقِ حقيقي سان وڃي مليا.

## جنازي جي نماز۽ تدفين

ساڳي ڏينهن گورنمنٽ هاءِ اسڪول شاهپور چاڪر جي گرائونڊ ۾ جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي جنهن جي امامت استاذُ العلماء شيخ الحديث مفتي محمد رحيم سڪندري مدظله العالي جن ڪئي، نمازِ جنازه ۾ ڪثير تعداد ۾ مشائخ عظام، علماء ڪرام ۽ هزارن جي تعداد ۾ عوامِ اهلسنت شرڪت ڪئي.

سلطان الواعظين مفتي عبدالرحيم سڪندري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ جن کي ” مدرسه صبغةُ الهديٰ “ جي احاطي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، الله ڪريم سندن درجا بلند فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) سوانح حيات و خدمات مفتی عبدالرحيم سکندری، ص 21 ماخوذاً

(2) مختصر سوانح حيات و خدمات مفتی عبدالرحيم سکندری اردو، ص 23-22 ماخوذاً

(3) تذکرة المحافل، ص10 ماخوذاً

(4) سوانح حيات و خدمات مفتی عبدالرحيم سکندری، ص22-23 ماخوذاً

(5) تذکرة المحافل، ص 10 ماخوذاً

(6) سوانح حيات و خدمات مفتی عبدالرحيم سکندری، ص28 ماخوذاً

(7) سوانح حيات و خدمات مفتی عبدالرحيم سکندری، ص31 ماخوذاً

(8) مختصر سوانح حیات و خدمات مفتی عبدالرحیم سکندری اردو، ص42 ماخوذاً

(9) سوانح حیات و خدمات مفتی عبدالرحیم سکندری، ص38 ماخوذاً

(10) الفتح المبین، ص10 ماخوذاً

(11) مختصر سوانح حیات و خدمات مفتی عبدالرحیم سکندری اردو، ص98تا 100 ماخوذاً۔



# عالم جوشان

محمد جاويد عطاري مدني

اللہ پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو:

اَكْرِمُوْا الْعُلَمَاءَ يعني عُلماء جي عزت ڪيو.

(كنزالعمال،جز10، 65/5، حديث : 28760)

پيارا ٻارو! عالمِ دين جي تمام وڏي فضيلت آهي، هڪ عالم ۾ ڪيئي خوبيون هونديون آهن جيئن ان وٽ گهڻو علم هوندو آهي، اللہ پاڪ جو خوف رکڻ وارو ۽ اللہ پاڪ جو نيڪ ٻانهو هوندو آهي. علماء قيامت جي ڏينهن شفاعت (يعني سفارش) ڪندا.

حضرت عَمرو بن قيسرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ جڏهن ڪو عالمِ دين تشريف آڻيندو هو تہ سندن گوڏن پر ويهي رهندا هئا(يعني عالم دين جو ادب ڪندا هئا) ۽ چوندا هئا: اللہ پاڪ جيڪو علم اوهان کي عطا فرمايو آهي اهو مون کي سيکاريو.

(حلية الاولياء، 117/5)

پيارا ٻارو! شروع ۾ لکيل حديث پاڪ تي عمل ڪندي اوهان بہ عالم سڳورن جي عزت ڪندا ڪيو، انهن سان ادب ۽ احترام سان پيش اچو، جڏهن هو تشريف آڻين تہ احترام سان اٿي بيهو، انهن جي اڳيان نہ هلو، جيڪڏهن اوهان ڪنهن عالم دين سان ڪاڏي ۾ شريڪ آهيو تہ ان کان پهريان ڪاڌو شروع نہ ڪيو، اِنْ شَآءَاللّٰه اوهان کي ثواب ملندو ۽ اللہ پاڪ راضي ٿيندو.

اللہ پاڪ اسان کي علماءِ ڪرام جو ادب ۽ احترام ڪرڻ ۽ بي ادبي کان بچندي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# جيڪڏهن پنهنجي ٻارن کي دوست نہ بڻايو تہ!

مولانا آصف جهانزيب عطاري مدني

عام طور تي اسان جي گفتگو جو موضوع ننڍن ٻارن جي تربيت جي متعلق هوندو آهي، پر اڄ اسان انهن ٻارن جي باري ۾ ڳالهہ ڪنداسين جن جي عُمر 13 کان 19 سالن تائين هوندي آهي، ان عُمر جي ٻارن جو ذهن، سندن سوچ انهن جا جذبات الڳ ئي وهڪري ۾ وهي رهيا هوندا آهن. هيءَ اها عُمر هوندي آهي جو جيڪڏهن والدين ان عُمر جي ٻارن کي صحيح طريقي سان ڪنٽرول نہ ڪندا تہ هي ٻار والدين کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳندا آهن.

هتي پهريان تہ هي ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ان عُمر جي ٻارن جي سوچ ۽ خواهشون ڪهڙي طرح جون هونديون آهن، جڏهن والدين هي ڄاڻي وٺندا تہ پوءِ کين پنهنجي ٻارن جا مسئلا سمجهڻ ۽ انهن کي پنهنجو دوست بڻائڻ ۾ مشڪل نہ ٿيندي.

(1) ان عُمر جي ٻارن جي هڪ ڪيفيت هيءَ هوندي آهي تہ پنهنجي عُمر کان وڏا ۽ مشڪل ڪم ڪرڻ کين سُٺو لڳندو آهي. ان ڪري هو اهڙا ڪم ڪري وٺندا آهن جيڪي بعد ۾ انهن جي لاءِ ۽ انهن جي والدين جي لاءِ نهايت تڪليف جو سبب بڻجي ويندا آهن.

والدين جي لاءِ ضروري آهي تہ ٻارن جي انرجي سٺن ڪمن ۾ لڳائين تہ جيئن انهن جي جوش ۽ جذبي کي قرار ملي سگهي، ان جي لاءِ والدين پنهنجي حيثيت جي مطابق ٻارن کان ايڪسر سائز ڪرائي



سگهن ٿا، انهن کي مناسب پارڪن يا ڪليل ميدان ۾ وٺي وڃن، جتي اهي ڊوڙ ڊُڪَ ڪن، ان ڪان علاوه وقفي وقفي سان انهن ڪان ڪو جسماني مشقت وارو ٿورو گهڻو ڪم (ٻاهران سامان آڻڻ، گهر جي ننڍي ننڍي صفائي ۾ مدد وٺڻ وغيره) به ڪرائي سگهجي ٿو. هن طرح ٻارن جي جسماني ۽ ذهني صلاحيتن ۾ اضافو ٿيندو.

(2) ان عُمر جا ٻار آزادي پسند ۽ پنهنجي مرضي هلائڻ وارا هوندا آهن، اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن والدين انهن کي روڪيندا ٽوڪيندا آهن ته هو سمجهندا آهن والدين انهن جي آزادي جا دشمن آهن.

هتي والدين کي گهرجي ته اهي آرڊر ڏيڻ جي بدران ٻار کي دليل سان سمجهائين، ٻار کي ذهني طور تي پنهنجي خيالات سان مطمئن ڪن، هڪ ڀيري توهان جي ٻار جي ذهن ۾ توهان جو دليل ويهي ويو پوءِ ڀيهر توهان کي ڪين دڙڪا ڏيڻ يا زور زبردستي ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي.

(3) ان عُمر جي ٻارن جا عام طور دوست به هوندا آهن، انهن ۾ چڱا ۽ بُرا ٻئي هوندا آهن. سيئي دوست پاڻ ۾ ملندا آهن تفريح ڪندا آهن، پنهنجا مسئلا، خواهشون هڪٻئي کي ٻڌائيندا آهن، هاڻي چو ته دوستَ به ننڍي عُمر ۽ بنا تجربي وارا هوندا آهن، نتيجي ۾ غلط مشورا ۽ غلط آئيڊياز شيئر ٿيندا آهن، اهڙيءَ طرح غلط ڪمن ۾ پوڻ جو خطرو تمام گهڻو وڌي ويندو آهي.

هتي والدين کي گهرجي ته اهي پنهنجي ٻارن سان شروع کان ئي اهڙا تعلقات ٺاهين جو ٻار انهن سان پنهنجي هر ڳالهه، پنهنجي هر خواهش جيتوڻيڪ اها سُٺي هجي يا بُري بنا ڊڄڻ جي شيئر ڪري سگهن، اهڙي طرح ٻار غلط دوستن ۽ غلط ڪمن کان ڪافي حد تائين محفوظ رهي سگهندا. والدين کان وڌيڪ ٻارن جو خيرخواهه ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي! ان جي لاءِ ضروري آهي ته والدين ٻارن جي لاءِ روزانو وقت ڪڍن چوته جيڪڏهن توهان انهن کي وقت نه ڏيندؤ ته ڪو ٻيو انهن کي وقت ڏيندو. پوءِ جيڪو به انهن کي وقت ڏيندو اهو ئي انهن جي ويجهو سندن دوست ۽ همدرد هوندو جيتوڻيڪ حقيقت ان جي خلاف هجي.

محترم والدين! ڪوشش ڪري ٻارن کي پنهنجي ويجهو ڪيو! انهن کي احساس ڏياريو ته توهان انهن جا دشمن نه خيرخواهه آهيو. جڏهن ٻارَ توهان سان اٽيچ هوندا تڏهن ئي توهان ٻارن جي سُٺي تربيت ڪري سگهندؤ.



چوٿوءَ جي ڪهاڻي

# ڪعبي جي چابي

مولانا احسان يوسف مدني (پراپرٽي ڊيپارٽمنٽ)

اڄ ڪافي ڏينهن کان بعد چوٿو پنهنجي والدين سان گڏ چاچي ناصر جي گهر دعوت تي آيل هئا. گهر وارن سان دعا سلام ڪرڻ کان بعد ڊرائنگ روم ڏي رخ ڪيو ته ڏٺائين ته چاچو پنهنجي دوست سان گڏ ڊرائنگ روم ۾ هڪ وڏو خوبصورت فريم لڳائي رهيو هو. فريم ايڏو وڏو ۽ وڻندڙ هو جو باربار چوٿو جون نظرون ان کي ڏسي رهيون هيون.

چاچي به ان ڳالهه کي نوٽ ڪيو ته چوٿو ان فريم کي ڪافي غور سان ڏسي رهيو آهي، ڪاڏي کان بعد چاچي وڏي شفقت سان چوٿو کي سڏيو ته هو فوراً انهن جي ويجهو اچي ڪري ويهي رهيو. چاچي چيو: پُٽ! تون ان نئين فريم کي باربار ڪافي غور سان ڏسي رهيو هُئين، ڇا ڳالهه آهي؟ چوٿو خوشيءَ سان چوڻ لڳو: چاچا! فريمَ ته مون پهريان به ڪوڙَ ڏٺا آهن پر هي فريم مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ مان سوچي رهيو هيس ته هي ڪهڙيءَ شيءِ جو فريم آهي؟

چاچي چيو: پُٽ! هن ڀيري ڊرائنگ روم جي خوبصورتي جي لاءِ ڪجهه نيون شيون شامل ڪيون هيون، انهن مان هي هڪ فريم به آهي جنهن تي ڪعبي شريف جي دروازي جي تصوير ٺهيل آهي. چوٿو وڏي بي تابي سان پڇيو چاچا! ڇا تصوير جيان سچ ۾ ڪعبي شريف جي دروازي کي تالو لڳايو ويندو آهي؟ جي ها پُٽ! ڪعبي شريف جي دروازي کي تالو ان ڪري لڳايو ويندو آهي ته جيئن هر ڪو ڪعبي شريف ۾ داخل نه ٿي سگهي. چوٿو ڪجهه سوچيندي ٻيهر سوال ڪيو ته چاچا ان تالي جي چابي ڪنهن وٽ هوندي آهي؟ ان تي چاچي چيو: مان ڪجهه ئي دير ۾ واندو ٿي اچان ٿو پوءِ اوهان کي ان جي چابي جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي ٻڌائيندُس. ڪهاڻي جو نالو ٻڌندي ئي چوٿو تمام

گهڻو خوش ٿيو ۽ ڪين گهر جي سيني ٻارن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته ٿوري دير ۾ چاچا اسان کي هڪ خوبصورت اسٽوري ٻڌائيندا.

بَس پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي سڀ ٻارَ ڪهاڻي جي لاءِ گڏ ٿي ويا، چاچو آيو ته ٻارن جا چهرا خوشيءَ سان چمڪڻ لڳا.

انهن جي ويهندي ئي چوٿو ميان اعلان ڪيو ته اڄ اسان ڪعبةُ الله شريف جي دروازي تي لڳل تالي جي چابيءَ بابت ڪهاڻي ٻڌڻ وارا آهيون. چاچي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي: پيارا ٻارو! جڏهن پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي پاڪ ۾ تشريف وٺي آيا ۽ خانهءِ ڪعبه جي ويجهو پهتا ته ڏٺائون ته خانهءِ ڪعبه کي تالو لڳل آهي. پياري نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڌايو ويو ته چابي حضرت عثمان بن طلحه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه وٽ آهي. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کان چابي طلب ڪئي، ڪعبي شريف جو دروازو کوليو ويو ۽ اسان جا نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي ۾ داخل ٿيا ۽ پوءِ نماز ادا فرمائي.

چوٿو جي سَئوٽ احمد حيران ٿي ڪري پڇيو: بابا سائين! ڇا ڪعبي شريف جي اندر به نماز پڙهي ويندي آهي؟ چاچي ناصر چيو جي پُٽ! ڪعبي شريف جي اندر پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز ادا فرمائي آهي.

(سيرة النبويہ لابن ہشام، 473، تفسير بغوی، 353/1ماخوذاً)

چوٿو ڪان رهيو نه ٿيو ته سوال ڪندي چيائين: چاچا! هاڻي ڪعبي شريف جي دروازي جي چابي ڪنهن وٽ آهي؟

چاچي ناصر شفقت سان چوٿو جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو: اڃان ته ڪهاڻي باقي آهي.

چاچي وري ٻڌائڻ شروع ڪيو ته پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪعبي مان ٻاهر آيا ته سندن چاچي حضرت عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه عرض ڪيو: اي الله جا رسول صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان چاهيو ٿا ته مان ۽ منهنجو خاندان حاجين کي پاڻي پيارڻ جو ذميدار آهي، اوهان چابي اسان کي ڏئي خانهءِ ڪعبه جي چوڪيداري به اسان کي ئي عطا فرمائي ڇڏيو. (يعني ضرورت پوڻ تي اسان ئي خانهءِ ڪعبه جو دروازو کوليندا ڪيون ۽ بند ڪندا ڪيون) پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي ۾ نازل ٿيڻ واري هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰۤى اَهْلِهَاۙ وَ اِذَا حَكَمْتُمْ بَیْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا یَعِظُكُمْ بِهٖؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِیْعًۢا بَصِیْرًا(۵۸)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏيئي ٿو ته امانتون جن جون آهن انهن جي حوالي ڪيو ۽ هي ته جڏهن توهان ماڻهن ۾ فيصلو ڪريو ته انصاف سان ڪريو بيشڪ الله توهان کي





کهڙي نہ سُڻي نصيحت فرمائي ته، بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي.

۽ اها چاٻي ٻيهر حضرت عثمان بن طلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہما کي ڏيندي فرمايو: اي بني طلحہ! هن چاٻيءَ کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هاڻي ڪعبي شريف جي دروازي جي هيءَ چاٻي اوهان وٽ رهندي ۽ هن کي اوهان کان ظالم ڪانسواءِ ڪير نہ ڪسيندو.

(در منثور، 2 / 570، 571ماخوذاً)

پيارا ٻارو! ڪعبۃُ الله شريف جي دروازي جي اها چاٻي جناب عثمان بن طلحہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي زندگيءَ ۾ انهن وٽ ئي رهي پوءِ سندن وفات کان بعد انهن جي خاندان وٽ ئي محفوظ هلندي اچي رهي آهي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جن هي ڳالهہ بيان ڪئي آهي تہ اجان تائين ڪعبي جي چاٻي سندن اولاد وٽ آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين رهندي جو نہ ڪڏهن انهن جو نسل ختم ٿيندو ۽ نہ ڪو ظالم بادشاهہ انهن کان کسي سگهندو، يزيد ۽ حجاج جهڙن ظالمن بہ ان چاٻيءَ کي هٿ نہ لاتو.

(مراۃ المناجيح، 429/1)

ڪهاڻي ٻڌي ڪري سيني ٻارن بلند آواز سان چيو: سُبْحٰنَ اللّٰہ!

# رجب شريف
## جا چند اهم واقعات

پهرين رجب شريف1388ھ يوم وفات
مولانا عبدالحڪيم خان شاه جهانپوري
رحمۃ اللہ علیہ ماهوار فيضان مدينہ رجب شريف
1438ھ

6 رجب شريف 633ھ يوم وفات خواجہ
غريب نواز، حضرت حسن چشتي اجميري
رحمۃ اللہ علیہ ماهوار فيضان مدينہ رجب شريف
1438 تا 1441ھ، فروري 2021ء ۾ ”خوفناڪ
جادوگر“

10 رجب شريف 33 يا 36ھ يوم وفات
حضرت سيدنا سلمان فارسي رضی اللہ
عنہ ماهوار فيضان مدينہ رجب شريف
1438ھ

12 رجب شريف 32ھ 12 رجب شريف
32ھ ماهوار فيضان مدينہ رجب شريف
1438 ۽ 1439ھ

15 رجب شريف 148ھ يوم وفات
تابعي بُزرگ، حضرت سيدنا امام جعفر
صاق رحمۃ اللہ علیہ ماهوار فيضان مدينہ رجب
شريف 1438ھ
۾ ”فيضانِ امام جعفر صادق“

22 رجب شريف 60ھ يوم وفات
صحابي رسول ڪاتبِ وحي، حضرت سيدنا
امير معاويہ رضی اللہ عنہ ماهوار فيضان مدينہ
رجب شريف 1438، 1440ھ ۾
”فيضانِ امير معاويہ“

25 رجب شريف 101ھ يوم وفات
تابعي بُزرگ، عُمرِ ثاني، حضرت سيدنا
عُمر بن عبدالعزيز رحمۃ اللہ علیہ ماهوار فيضان
مدينہ رجب شريف 1438، 1440ھ ۾ ”عمربن
عبدُالعزيز جون 425حڪايتون“

25 رجب شريف 183ھ يوم وفات
حضرت سيدنا امام موسيٰ ڪاظم رحمۃ اللہ علیہ
ماهوار فيضان مدينہ رجب شريف 1438ھ

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي
۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



سلسلو: وظائف

# پٽاڻي اولاد ۽ حمل جي حفاظت جو روحاني علاج

پٽاڻو اولاد نہ ٿيندو هجي، ٻي اولاد هجي، ڪچو حمل ڪري پوندو هجي يا پيدائش کان بعد ٻارَ مري ويندا هجن تہ ڪچي سُٽ جا ست ڌاڳا ڪٽي عورت کي سڌو بيهاري يا سڌو ليٽائي ڪري اُن جي پيشاني جي وارن کان پيرن جي آڱرين تائين ماپي وٺو ۽ ست ئي ڌاڳا ملائي ڪري انهن تي 11 پيرا اهڙي طرح آيت الڪرسي شريف پڙهو جو هر پيري هڪ ڳنڊ ڏيندا وڃو ۽ دم ڪندا وڃو. هن ڳنڊ کي (حسب ضرورت ڪپڙي جي وڏي پٽي تي ديگهہ ۾ رکي ڪري سبي ڇڏيو تہ جيئن پيٽ وڌو ٿيڻ جي صورت ۾ بہ ڪم هلي سگهي پوءِ بہ جيڪڏهن سوڙهو ٿي وڃي تہ ڪپڙي جي پٽي ۾ جوڙ لڳائي سگهو ٿا) هاڻي عورت جي چيلھ تي ٻڌي ڇڏيو. جيستائين ٻارُ پيدا نہ ٿي وڃي هرگز نہ کوليو ايستائين جو غسل جي وقت بہ الڳ نہ ڪيو. جڏهن حمل جا آثار ظاهر ٿين تہ گهر جي پچايل سفيد مٺي شيءِ (مثلاً اڇن چانورن) تي سرڪار بغداد حُضور غوثِ پاڪ، حضرت سيدنا شيخ محمد افضل ۽ سيدنا اعلي حضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیھم جي فاتحہ ڏياريو ۽ عورت ٻہ رڪعتون نفل پڙهي پوءِ بيهي بغداد شريف ڏي منهن[1] ڪري هن طرح عرض ڪري: ”ياغوث الاعظم رحمۃ اللہ علیہ! جيڪڏهن مون کي پٽ ڄائو تہ مان اوهان جي غلامي ۾ ڏينديس ۽ هن جو نالو محي الدين ”رڪنديس“ ان شاءالله پٽ ئي پيدا ٿيندو. جڏهن ٻار پيدا ٿي تہ غسل ڏئي ڪنن ۾ آذان کان بعد اهو ڳنڍين وارو ڳنڍيو ماءُ جي چيلھ کان کولي ٻار جي ڳلي ۾ پائي ڇڏيو(چاهيو تہ ڪپڙي جي پٽي اُنڌيڙي ڳنڍيون لڳل اصل ڳنڍيو بہ ڳلي ۾ پائي سگهو ٿا) ۽ ٻار جي پيدائش جي ڏينهن کان وٺي روزانو هر سال غوث پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جي نياز جي لاءِ هڪ روپيو الڳ ڪندا رهو. جڏهن ٻار ٻارهن سالن جو ٿي وڃي تہ انهن ٻارهن روپين جي شيرڻي يا وڌيڪ جيتري چاهيو رقم ملائي ڪري غوث پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جي نياز ڏياريو ۽ پوءِ ان ڳنڍي کي محفوظ جڳهہ تي دفن ڪري ڇڏيو.

(زندہ بیٹی کنویں میں پھینک دی، ص24)

---

[1] پاڪستان جي مختلف شهرن جي فرق جي لحاظ کان پاڪستان ۾ بغداد شريف جو طرف اولهہ کان اُتر جي جانب ست يا اٺ ڊگري تي آهي. پاڪ ۽ هند وارا ڪعبي جي طرف منهن ڪرڻ کان بعد جيڪڏهن معمولي سڌي هٿ مڙي وڃن تہ بغداد شريف ڏانهن منهن ٿي ويندو.

# معراج عظيم رتبو

27 رجب المرجب خالق ڪائنات پاڪ پروردگارجل شانہ پنهنجي پياري محبوب مدني سرڪار ﷺ کي پاڻ وٽ مهمان ڪري گهرايو ۽ ڪيس پنهنجو ديدار ڪرايو، دنيا جي تخليق جو سبب بڻجندڙ هي اهي عظيم هستي آهن جنهن جي باري ۾ خالق اڪبر پاڪ پروردگار جل شانہ فرمايو تہ قسم آهي مون کي پنهنجي ربوبيت جو جيڪڏهن مان پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي پيدا نہ ڪيان ها تہ پنهنجو پاڻ کي بہ ظاهر نہ ڪيا ها، معراج شريف نبي رحمت ﷺ سان الله پاڪ جي محبت جو اعليٰ ترين مثال آهي، ان مان حضور ﷺ جن جو اهو ڪمال قرب ظاهر ٿئي ٿو جيڪو مخلوق الاهي ۾ فقط پاڻ ڪريم ﷺ ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ حاصل نہ آهي، نبوت جي ٻارهين سال حضور ﷺ معراج سان نوازيا ويا، قرآن پاڪ بہ شاهدي ڏني آهي تہ، ”پاڪ آهي اها ذات، جنهن پنهنجي ٻانهي کي راتو رات مسجد الحرام کان مسجد اقصيٰ تائين جو سفر طئي ڪرايو. (سوره بني اسرائيل آيت1) الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ حضور ﷺ سان تمام گهڻن جڳهن تي پنهنجي محبت ۽ قربت جون تمام گهڻيون فضيلتون بيان ڪيون آهن، پنهنجي حڪم کي حضور ﷺ سان منسوب رکيو آهي. سڀ کان پهريائين حضور ﷺ جن جو نور مبارڪ پيدا ڪيو ۽ مقام محمود ۽ حوض ڪوثر عطا ٿيو. مطلب تہ هر لحاظ کان حضور ﷺ کي شان اوليت عطا ٿي. هن ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جا انسانن جي مٿان تمام وڏا احسان ۽ انعام آهن. اهو رب تعاليٰ جو حسن عشق جو اعليٰ تعلق آهي جو ان پنهنجي وحدانيت جو اعلان پاڻ ڪريم ﷺ کان ڪرايو، رحمت عالم ﷺ عشق الاهي ۾ ايتري تہ ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا، جو سندن قدم مبارڪ سڄي ويندا هئا.

معراج جو مرتبو سندن شان مبارڪ آهي جو رب تعاليٰ کين ديدار سان نوازيو، جيڪو ڪنهن بہ نبي ۽ رسول کي عطا نہ ٿيو.